# 60 حج ڪرڻ وارو حاجي

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: 60 حج ڪرڻ وارو حاجي
ڇاپو پهريون: ذي الحج 1442ھ جولاءِ 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو بنام

# 60 حج ڪرڻ وارو حاجي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي) شعبہ هفتہ وار رسالو

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

60 حج ڪرڻ وارو حاجي 2

60 حج ڪرڻ وارو حاجي ........ 1

دعاءِ عطار: ........ 1

درود شريف جي فضيلت ........ 1

جڏهن آقا گهرايو پاڻ ئي انتظام ٿي ويا ........ 1

اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌي ورتي ........ 3

صبر ڪرين ها ته قدمن مان ........ 4

چشما جاري ٿي وڃن ها ........ 4

طواف ڪندڙ هڪ شخص جي عجيب دعا ........ 5

اللّٰه پاڪ جي خفيه تدبير ........ 6

اي ڪاش! مان به روئڻ وارن مان هجان ها ........ 8

وقوف عرفات ڪرڻ وارن جي مغفرت ........ 9

آقا جي نالي سان حج ڪرڻ واري تي ڪرم ........ 10

60 حج ڪرڻ وارو حاجي ........ 11

موڪلاڻي جي اجازت جي ........ 11

منتظر نوجوان ڪي خوشخبري ........ 11

مايوس نه ٿيندڙ حاجي ........ 12

دعا قبول نہ ٿيڻ جون حڪمتون ........................ 13
ڪنهن جي در تي مان ويندس مولىٰ! ........................ 14
حَجاج بن يوسف ۽ هڪ اعرابي ........................ 15
جن جو حج قبول نہ ٿيو تہ انهن تي بہ ڪرم ٿي ويو ........................ 16
حج جي سفر ۾ بهترين هم سفر ........................ 17
عجيب انداز ۾ نفس جي پڪڙ ........................ 18
حبِ جاه جي لذت عبادت جي تڪليف ........................ 19
کي آسان ڪري ڇڏيندي آهي ........................ 19
حُب جاه جي باري ۾ اهم ترين مدني گل ........................ 20

# 60 حج ڪرڻ وارو حاجي

## دعاءِ عطار:

ياالله پاڪ: جيڪو مڪمل رسالو ”60 حج ڪرڻ وارو حاجي“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي هرسال حج نصيب فرماءِ ۽ ان کي سبز سبز گنبذ جي سايي ۾ شهادت ۽ جنت البقيع ۾ خير سان دفن ٿيڻ نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي ڪري ٽي ٽي ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ تي حق آهي تہ هو سندن ان ڏينهن ۽ اُن رات جا گناهہ بخشي ڇڏي. (معجم ڪبير، 362/18، حديث:928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهرايو پاڻ ئي انتظام ٿي ويا

حضرت علامہ اَبوالفَرَج عبدالرحمٰن بن علي ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”عُيُونُ الحِڪايات“ ۾ لکن ٿا: هڪ پرهيزگار شخص جو بيان آهي تہ مان مسلسل ٽن سالن کان حج جي دعا ڪري رهيو هيس، پر منهنجي حسرت پوري نہ ٿي، چوٿين سال حج جي موسم بهار هئي ۽ دل حرم جي آزرو ۾ بي قرار هئي. هڪ رات جڏهن

مان ستس تہ منهنجي ستل قسمت جاڳي پئي. اَلْحَمْدُللهِ! مان خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيس. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجان“ منهنجي اک کلي تہ دل خوشيءَ سان جهومي رهي هئي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو منٺو منٺو آواز ڪنن ۾ گونجي رهيو هو، ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجان.“ بارگاهِ نبوت کان حج جي اجازت ملي چڪي هئي، مان تمام گهڻو خوش ۽ خرم هيس. اوچتو ياد آيو تہ مون وٽ تہ سفر جو خرچ بہ نہ آهي. اهو خيال ايندي ئي مان غمگين ٿي ويس، ٻي رات وري محبوبِ ربّ، شهنشاهِ عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ٿي پر مان پنهنجي غربت جو چئي نہ سگهيس. اهڙي طرح ٽين رات بہ خواب ۾ بارگاهِ رسالت مان حڪم ٿيو: ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃ“ مون سوچيو تہ جيڪڏهن مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوٿون دفعو خواب ۾ تشريف فرما ٿيا تہ پنهنجي مالي حالت جي باري ۾ عرض ڪندس..

آہ! پلے زر نہیں رختِ سفر سرور نہیں
تم بلا لو تم بُلانے پر ہو قادِر یا نبی

چوٿين رات وري سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي غريب خاني تي ڪرم فرمايو ۽ ارشاد فرمايائون: ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجان“ مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو: منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ خرچ وغيره نہ آهي. ارشاد فرمايائون: ”تون پنهنجي گهر جي فلاڻي جڳهہ کوٽ تہ اتي تنهنجي ڏاڏي جي زرهہ پئي هوندي“ ايترو فرمائي سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هليا ويا“ صبح

جڏهن منهنجي اک کلي تہ مان تمام گهڻو خوش هيس. فجر جي نماز کان پوءِ بڌايل جڳهہ تي کوٽائي ڪئي تہ واقعي هڪ قيمتي زرهہ موجود هئي ۽ اها بلڪل صاف شفاف هئي جڻ تہ ان کي ڪنهن استعمال ئي نہ ڪيو هجي. مان ان کي چار هزار دينارن ۾ کپايو ۽ اللہ پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. اَلْحَمْدُلله! شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان حج جا اسباب پاڻ ئي پيدا ٿي ويا.

(عيون الحڪايات ص 326 ملخصًا)

جب بُلایا آقا نے خود ہی انتظام ہوگئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان تنهنجي ڳالهہ ٻڌي ورتي

حضرت سيدنا علي بن مُوَفِّق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حج جي سعادت حاصل ڪئي. ڪعبي شريف جو طواف ڪيو، حَجَر اَسْوَد کي چمي ڏني، ٻہ رڪعتون نمازِ طواف پڙهي ڪعبي شريف جي پيٽ سان ويهي روئڻ لڳس ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: ياالله! مان تنهنجي پاڪ گهر جي چوڌاري خبر ناهي تہ ڪيترا چڪر لڳايا، پر مون کي خبر ناهي تہ قبول بہ ٿيا آهن يا نہ؟ پوءِ مون تي غنودگي ڇائنجي وئي ۽ مون هڪ غيبي آواز ٻڌو: ”اي علي بن مُوَفِّق! اسان تنهنجي ڳالهہ ٻڌي ورتي آهي ۽ ڇا تون پنهنجي گهر ۾ صرف ان کي ناهين گهرائيندو جنهن سان تون محبت ڪندو آهين!“ (الروض الفائق ص 59) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلّى الله عليه واٰله وسلّم

بُلاتے ہیں اسی کو جس کی بگڑی یہ بناتے ہیں
کمر بندھنا دِیارِ طیبہ کو کُھلنا ہے قسمت کا

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# صبر ڪرين ها تہ قدمن مان
# چشما جاري ٿي وڃن ها

حضرت سيدنا عبدالله بن حُنَيف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان حج جي ارادي سان نڪتس، بغداد پهچندي ئي حالت اها ٿي وئي جو لاڳيتو چاليهن ڏينهن تائين ڪجهہ بہ نہ ڪاڌو هو. سخت اُڃ جي حالت ۾ جڏهن هڪ کوهہ تي ويس تہ اتي هڪ هرڻ پاڻي پي رهيو هو ۽ مون کي ڏسندي ئي وٺي ڀڳو، جڏهن مان کوهہ ۾ ڏٺو تہ پاڻي تمام هيٺ هو ۽ اهو ڪنهن ڏول کان سواءِ نہ پيئي نڪري سگهيو. مان اهو چئي هلڻ لڳس: اي منهنجا مالڪ ۽ موليٰ منهنجو مرتبو ان هرڻ جي برابر بہ ناهي! تہ مون کي پويان آواز آيو تہ ”اسان توکي آزمايو ٿي، پر تو صبر نہ ڪيو. هاڻي واپس وڃ ۽ پاڻي وڃي پيءُ.“ جڏهن مان ويس تہ کوهہ ڪنارن تائين پاڻي سان ڀريل هو ۽ مون پنهنجي اُڃ لاٿي ۽ پنهنجو مَشڪيزو(ڪلِي) بہ ڀري ورتي تہ غيب مان هڪ آواز آيو: هرڻ تہ مَشڪيزو (ڪلِي) کان سواءِ آيو هو، پر تون تہ مَشڪيزو ساڻ ڪٺي آيو آهين. مان سڄي رستي ان مشڪيزي مان پاڻي پيتو ۽ وضو ڪندو رهيس، پاڻي ختم نہ ٿيو. پوءِ جڏهن حج کان واپسي تي ۽ جامع مسجد ۾ داخل ٿيس تہ اتي حضرت سيدنا

جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف فرما هئا. انهن مون کي ڏسندي ئي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن تون هڪ گهڙي به صبر ڪرين ها ته تنهنجي قدمن مان چشما جاري ٿي وڃن ها. (الروض الفائق ص 103) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

اُن کے طالِب نے جو چاہا پالیا

اُن کے سائل نے جو مانگا مل گیا

(ذوق نعت)

## طواف ڪندڙ هڪ شخص جي عجيب دعا

حضرت قاسم بن عثمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو علم ۽ فضل وارو ۽ متقي بزرگ هو، فرمائي ٿو: مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو طواف دوران صرف اها دعا گهري رهيو هو: اَللّٰهُمَّ قَضَيْتَ حَاجَةَ الْمُحْتَاجِيْنَ وَحَاجَتِيْ لَمْ تَقْضِ يعني اي الله پاڪ! تون سڀني حاجت مندن جي حاجت پوري فرمائي ۽ منهنجي حاجت پوري نه ڪئي. مان ان کان جڏهن ان عجيب دعا جي تڪرار جي باري ۾ پڇا ڪئي، ته چيائين اسان ست ڄڻا جهاد ۾ وياسين ۽ غير مسلمن اسان کي گرفتار ڪري ورتو، جڏهن قتل جي ارادي سان ميدان ۾ آندائون ته مون يڪدم منهن مٿي ڪيو، ڇا ٿو ڏسان ته آسمان ۾ ست دروازا کليا پيا آهن ۽ هر دروازي تي هڪ حور بيٺي آهي ۽ جيئن ئي اسان جي ڪنهن رفيق کي شهيد ڪيو پئي ويو، مون ڏٺو ته هڪ حور هٿ ۾ رومال کڻي شهيد جو روح کڻڻ لاءِ زمين تي پئي لهي، اهڙي طرح

منهنجي ڇهن رفيقن کي شهيد ڪيو ويو ۽ سيني جا روح ڪڍڻ جي لاءِ هڪ حور لهندي رهي. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ هڪ درٻاريءَ پنهنجي خدمت جي لاءِ مون کي بادشاھ کان گهري ورتو ۽ مان شهادت کان محروم رهجي ويس ۽ مان هڪ حور کي چوندي ٻڌو: ”اي محروم آخر ان سعادت کان تون ڇو محروم رهجي وئين؟“ ۽ پوءِ آسمان جا ست ئي دروازا بند ٿي ويا. تہ اي ياءُ! مون کي پنهنجي محرومي تي سخت افسوس آهي ڪاش! مون کي بہ شهادت جي سعادت عنايت ٿي وڃي ها. هي ئي اها حاجت آهي جنهن کي اوهان دعا ۾ ٻڌو. حضرت سيدنا قاسم بن عثمان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي خيال ۾ انهن ستن خوش نصيبن مان سڀ کان افضل اهو ستون هو جيڪو بچي ويو. ان پنهنجي اکين سان اهو روح پرور منظر ڏٺو جيڪو ٻين نہ ڏٺو ۽ پوءِ هو زنده رهيو ۽ وڏيڪ ذوق و شوق سان نيڪيون ڪندو رهيو. (المستطرف ج 1 ص 249) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مال و دولت کی دعا ہم نہ خدا کرتے ہیں
ہم تو مرنے کی مدینے میں دُعا کرتے ہیں

(وسائل بخشش،ص293)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله پاڪ جي خفيہ تدبير

حضرت سيدنا ابو محمد رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي پروسي تي

ٿي مسلمان سفر جي خرچ کان سواءِ حج جي لاءِ روانا ٿيا. سفر جي دوران اهي عيسائين جي هڪ ڳوٺ ۾ ترسيا. انهن مان هڪ جي نظر خوبصورت نصراني عورت تي پئي ته اهو ان تي عاشق ٿي پيو. اهو عاشق ڪنهن حيلي بهاني سان ان ڳوٺ ۾ رهي پيو ۽ ٻه حاجي اڳتي روانا ٿي ويا. پوءِ ان عاشق پنهنجي دل جي ڳالهه ان عورت جي والد سان ڪئي ته ان چيو: ان جو مهر تون نه ڏئي سگهندين. ان پڇيو: ان جو مهر ڪهڙو آهي؟ جواب مليو: "عيسائي (ڪرسچين) ٿي وڃ" ان بدقسمت عيسائيت اختيار ڪري ان عورت سان نڪاح ڪيو ۽ ٻه ٻار به پيدا ٿيا ۽ آخرڪار هو مري ويو. ان جا ٻئي رفيق حاجي ڪنهن سفر تان ٻيهر ان علائقي مان اچي لنگهيا ته سموري حقيقت کان واقف ٿيا. انهن کي سخت افسوس ٿيو ۽ جڏهن اهي نصرانين (يعني عيسائين) جي قبرستان جي ويجهو پهتا ته ان (بد نصيب عاشق) جي قبر تي هڪ عورت ۽ ٻن ٻارن کي روئيندي ڏٺو. پوءِ اهي ٻئي حاجي به (الله پاڪ جي خفيه تدبير کي ياد ڪري) روئڻ لڳا، عورت پڇيو ته اوهان ڇو ٿا روئو؟ انهن مرڻ واري جي مسلمان هئڻ جي حالت ۾ نماز، عبادت ۽ زهد تقويٰ وغيره جو تذڪرو ڪيو. جڏهن عورت اهو ٻڌو ته ان جي دل اسلام ڏانهن مائل ٿي پئي ۽ اها پنهنجي ٻن ٻارن سميت مسلمان ٿي وئي. (الروض الفائق ص 16 ملخصًا) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪيترو ڏکائڻ وارو معاملو آهي جو حرم پاڪ جو نيڪ پرهيزگار مسافر اوچتو عشق مجازي جي چڪر ۾

قاسي دل سان گڏوگڏ دين ۾ وجائي وينو ۽ ڪجهه وقت عيش ۽ عشرت ڪري موت جي ذريعي انڌيري قبر ۾ وڃي پهتو. هن حڪايت مان عبرت جو سبق وٺي ڪري اسان سيني کي الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄڻ ۽ خاتمو بالخير جي دعا ڪرڻ گهرجي، جو خبر ناهي تہ اسان سان ڪهڙو معاملو ٿيندو. مڪتبة المدينہ جي طرفان جاري ڪيل حيرت انگيز VCD يا آڊيو ڪيسٽ " اللہ پاک کی خفیہ تدبیر " خريد ڪري ضرور ٻڌو اِنْ شاءَالله اوهان خدا جي خوف کان ڏڪي ويندا.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نُمونے — مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے

کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے — جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اي ڪاش! مان بہ روئڻ وارن مان هجان ها

عرفات جي دعا ۾ حاجين جي آه و زاري ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ جاري هو تہ حضرت سيدنا بڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائڻ لڳا: "اي ڪاش! مان انهن روئيندڙ حاجين منجهان هجان ها." ۽ حضرت مُطَرِّف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خوفِ خدا کان مغلوب ٿي عاجزيءَ سان عرض ڪيو: اي الله ڪريم! منهنجي نافرمانين جي ڪري انهن حاجين کي رد نہ ڪجان." (الروض)

الفائق ص 59) اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یا خدا یا الٰہی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## وقوف عرفات ڪرڻ وارن جي مغفرت

حضرت سيدنا محمد بن مُنڪدِر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 33 حج ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي آخري حج ۾ ميدانِ عرفات جي اندر مناجات ڪندي عرض ڪيو: ”يا اللہ توکي خبر آهي تہ مان انهيءَ عرفات ۾ 33 ڀيرا وقوف ڪيو آهي ۽ هڪ دفعو پنهنجي طرفان، هڪ هڪ دفعو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي طرفان حج سان مشرف ٿيس. ياربّ! مان تو کي گواهہ ٿو بڻايان تہ مان باقي 30 حج ان شخص کي تحفي ۾ ڏنا جيڪو هتي عرفات ۾ رهيو، پر ان جو وقوفِ عرفہ قبول نہ ڪيو ويو.“ جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرفات کان مُزدَلِفہ پهتا تہ خواب ۾ ائين چيو ويو: اي ابن مُنڪَدِر! ڇا تون ان تي ڪرم ٿو ڪرين جنهن ڪرم پيدا ڪيو؟ ڇا تون ان تي سخاوت ٿو ڪرين جنهن سخاوت پيدا ڪئي؟ تنهنجو ربّ توکي فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! مون وقوفِ عرفات ڪرڻ وارن کي عرفات

پيدا ڪرڻ کان 2 هزار سال اڳ ئي بخشي ڇڏيو هو. (الروض الفائق ص 60)
**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

غمِ حیات ابھی راحتوں میں ڈھل جائیں
تری عطا کا اشارہ جو ہوگیا یارب

(وسائل بخشش، ص 76)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا جي نالي سان حج ڪرڻ واري تي ڪرم

حضرت علي بن مُوَفّق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪيترائي حج ڪيا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي خواب ۾ مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ديدار ٿيو، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ”اي ابن مُوَفّق! ڇا تو منهنجي طرفان حج ڪيا؟“ مون عرض ڪيو: ”جي ها“ فرمايائون: ڇا تو منهنجي طرفان تَلبِيہ پڙهيو؟ مون عرض ڪيو: ”جي ها“ فرمايائون: ”مان قيامت جي ڏينهن توکي ان جو بدلو وٺي ڏيندس ۽ مان محشر ۾ تنهنجو هٿ پڪڙي توکي جنّت ۾ داخل ڪندس جڏهن تہ ماڻهو اڃا حساب جي سختيءَ ۾ هوندا.“ (لباب الاحياء ص 83) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

شکریہ کیونکر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰے
کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

(وسائل بخشش،ص372)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 60 حج ڪرڻ وارو حاجي

حضرت سيدنا علي بن مُوَفِّق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اهو 60 هون حج هو. حرم پاڪ ۾ حاضر هئا ته انهيءَ جي ذهن ۾ يڪدم خيال آيو ته حج جي لاءِ ڪيسيتائين هر سال ويرانن ۽ جهنگلن جي متي لتاڙيندين! ايتري ۾ ننڊ جو جهوٽو آيو ۽ سمهي پيا، غيبي آواز ٻڌائون: ”ان جي لاءِ خوشخبري آهي جنهن کي ان جي مولا ڪريم دوست رکيو هجي ۽ پنهنجي گهر گهرائي بلند رتبي سان سرفراز فرمايو هجي.“ (روض الرياحين ص 107 ملخصًا) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

ضُعف مانا مگر یہ ظالم دل
اُن کے رستے میں تو تھکا نہ کرے!

(حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## موڪلائڻ جي اجازت جي
## منتظر نوجوان کي خوشخبري

حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪعبي شريف وٽ هڪ جوان

ڪي ڏنو جيڪو لاڳيتو نماز پڙهي رهيو هو ۽ ٻيهڻ جو تہ نالو ئي نہ پيو وٺي. موقعو ملندي ئي پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: چا ڳالهہ آهي جو واپس وڃڻ بدران لاڳيتو نمازون پيا پڙهو. چوڻ لڳو: پنهنجي مرضيءَ سان ڪيئن وڃان! موڪل جي اجازت جو انتظار آهي. حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اجا اسين ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين تہ ان جوان جي مٿان هڪ چٺي ڪري ۽ ان ۾ لکيل هو: "اها چٺي خدا پاڪ جي طرفان ان جي شڪر گذار ۽ مخلص ٻانهي جي لاءِ آهي، واپس وڃ تنهنجا سمورا گناهہ معاف ڪيا ويا آهن." (روض الرياحين، ص 108ملخصا) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش ص 105)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مايوس نہ ٿيندڙ حاجي

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ عابد جو بيان آهي: مان لڳاتار ڪيترن ئي سالن تائين حج ڪيا ۽ هر سال هڪ درويش کي ڪعبي جو دروازو پڪڙيندي ڏٺو. جڏهن هو "اَللّٰهُمَّ لَبَّيْکَ" چوندو هو تہ غيب مان آواز ايندو هو: "لَالَبَّيْکَ" مون چوڏهين سال ان شخص کان پڇيو: اي درويش! اوهان ٻوڙا تہ نہ آهيو، ان جواب ڏنو: "مان سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو آهيان." مون چيو تہ پوءِ اها تڪليف چو ٿا

ڪريو؟ ان چيو: ”يا شيخ! مان قسم کڻي چوان ٿو تہ جيڪڏهن 14 سالن جي بدران 14 هزار سال بہ منهنجي عمر هجي ها ۽ سال جي بدران هر ڏينهن هزار ڀيرا بہ اهو جواب ”لَالَبَّيۡکَ“ ٻڌڻ ۾ اچي ها تڏهن بہ هن دروازي تان متو نہ ڪٽان ها. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان اجا گفتگو ۾ مصروف هئاسين تہ اوچتو آسمان مان هڪ ڪاغذ ان جي سيني تي ڪريو، ان اهو ڪاغذ مون ڏانهن وڌايو تہ ان ۾ لکيل هو: ”اي مالڪ بن دينار! تون منهنجي ٻانهي کي مون کان جدا ٿو ڪرين تہ مون هن جي ڪيترن ئي سالن جا حج قبول ناهن ڪيا، پر ائين ناهي بلڪ انهيءَ عرصي ۾ ايندڙ سيني حاجين جا حج بہ ان جي پڪار جي برڪت سان قبول ڪيا آهن تہ جيئن ڪو بہ منهنجي دربار کان محروم نہ ٿئي.“

## دعا قبول نہ ٿيڻ جون حڪمتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان اسان کي اهي بہ مدني گل مليا تہ دعا جي قبوليت ۾ چاهي ڪيتري بہ دير ٿئي پر دل ننڍي نہ ڪجي، اسان کي دير جي حڪمتن جي خبر ناهي. دعا جي قبوليت ۾ دير ۽ پڻ شروع کان ئي دعا جي قبوليت جو اظهار نہ ٿيڻ بہ اسان جي حق ۾ مفيد آهي، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والد، رئيسُ الۡمُتَڪَلِّمِين حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي فرمان جو خلاصو آهي: حڪمتِ الٰهي مطابق تون ڪڏهن پنهنجي ناداني‌ءَ جي ڪري ڪا شيء گهرين ٿو تہ ربّ پاڪ مهرباني ڪندي تنهنجي دعا قبول نہ ٿو فرمائي ڇوتہ تون جيڪو گهري رهيو آهين،

اهو جيڪڏهن عطا ڪيو وڃي ته توکي نقصان ٿئي. مثال طور تون دولت گهرين ۽ توکي ملي وڃي ته تنهنجو ايمان هليو ويندو يا تون صحت گهرين ٿو پر ان جو ملڻ تنهنجي آخرت جي لاءِ نقصانڪار آهي. ان ڪري هو تنهنجون دعائون قبول نه ٿو فرمائي. سورة البقره آيت نمبر 216 ۾ آهي:

عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ

**ترجموڪنزالايمان**: عين ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

يہ کیوں کہوں مجھ کو یہ عطا ہو یہ عطا ہو
وہ دو کہ ہمیشہ مرے گھر بھر کا بھلا ہو

(ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن جي درتي مان ويندس مولي!

دعا قبول ٿئي يا نه پر دعا ۾ سُستي نه ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پروردگارکي پڪاريندو رهڻ به تمام وڏي سعادت ۽ حقيقت ۾ عبادت آهي، هن سلسلي ۾ هڪ بي حڪايت ملاحظ ڪيو: هڪ ضعيف بزرگ هڪ نوجوان سان گڏ حج تي ويو ۽ جيئن ئي اِحرام ٻڌي چيائين: "لَبَّيْكَ" (يعني مان تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر آهيان) ته غيب مان آواز آيو: "لَا لَبَّيْكَ" (يعني تنهنجي حاضري قبول ناهي) ته نوجوان حاجيءَ ان کي چيو ته ڇا اوهان اهو جواب نه ٻڌو؟ پوڙهي حاجيءَ فرمايو: جي ها، مان ته 70 سالن کان اهو جواب ٻڌي رهيو آهيان ۽ مان هر دفعي عرض ڪندو آهيان: "لَبَّيْكَ" ته جواب ايندو آهي:

”لَا لَبَّيۡکَ“ نوجوان چيو: پوءِ اوهان چو تا اچو؟ سفر جون تڪليفون برداشت چو تا ڪيو ۽ پاڻ کي چو تا تڪايو، پوڙهو حاجي روئي چوڻ لڳو: پوءِ مان ڪنهن جي درتي وڃان؟ مون کي چاهي رد ڪيو وڃي يا قبول ڪيو وڃي، پر مان تہ هتي ايندس. هن در کان سواءِ منهنجي پناهہ ڪٿي بہ ناهي. غيب مان آواز آيو: ”وڃ! تنهنجون سيئي حاضريون قبول ٿي ويون.“ (تفسير روح البيان،پ29،نوح،تحت الآية:10،10/ 176)

وہ سُنیں یا نہ سنیں اُن کی بہر حال خوشی
دردِ دل ہم توکہے جائیں گے اِن شاءَ اللّٰہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حَجاج بن يوسف ۽ هڪ اعرابي

حَجّاج بن يوسف سخت گرمين جي موسم ۾ سفر دوران مڪي شريف کان مديني پاڪ ويندي رستي ۾ پڙاءُ ڪيو ۽ ناشتي جي وقت خادم کي چيو تہ ڪنهن مهمان کي ڳولي اچو! هو ويو ۽ ان جبل تي هڪ اعرابي (ڳوناٺي) کي ستل ڏٺو ۽ پير سان ٺڏو هڻي جاڳايو ۽ چيو: توکي گورنر حَجّاج بن يوسف گهرايو آهي، هو اٿي حجاج وٽ آيو. حجّاج چيو:” مون سان گڏ ماني کائو.“ ان چيو: ”مان اوهان کان بہ سٺي ڪريم جي دعوت قبول ڪري چڪو آهيان.“ پڇيائين: ”اهو ڪير آهي؟“ جواب ڏنائين: الله پاڪ جو ان مون کي روزي رکڻ جي دعوت ڏني ۽ مون رکي ڇڏيو. حجّاج چيو: ايتري سخت گرميءَ ۾ روزو؟ جواب ڏنائين: هائو! قيامت جي سخت ترين گرميءَ کان بچڻ جي لاءِ، حجاج چيو: نيڪ آهي هاڻي

سياٽي روزو نہ رکجان مون سان گڏ ماني کائجان. چيائين: ڇا توهان سياٽي تائين منهنجي زنده رهڻ جي ضمانت ڏئي سگهو ٿا؟ چيائين: اهو منهنجي وس ۾ ناهي. چيائين: حيرت آهي جو اوهان آخرت جي معاملي ۾ بيوس هجڻ جي باوجود بہ دنيا جي طلب ۾ لڳا پيا آهيو. حجّاج چيو: هي کاڌو نهايت لذيذ آهي. جواب ڏنائين: ان کي نہ اوهان لذيذ ڪيو آهي ۽ نہ ئي بورچيءَ. پر ان کي صحت ۽ عافيت بخش ٿيڻ واري خوبيءَ عمده ڪيو آهي يعني جيڪو مريض هوندو آهي ان کي لذت ناهي ايندي، پر صحت مند کي اهو گهڻو وڻندو آهي ۽ صحت و عافيت ڏيڻ واري ذات ربّ ڪائنات جي آهي. ان ڪري ان قادر مطلق جي دعوت تي اوهان کي روزو رکڻ گهرجي. (رفيق المناسِک ص 212بتغير)

ڪچھ نيکياں کمالے جلد آخرت بنالے
کوئی نہيں بھروسا اے بھائی! زندگی کا

(وسائل بخشش،ص178)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جن جو حج قبول نہ ٿيو تہ انهن تي بہ ڪرم ٿي ويو

حضرت سيدنا علي بن مُوَفّق رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا تہ مون 50 کان وڌيڪ حج ڪيا ۽ هڪ کان سواءِ سيني جو ثواب جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خلفاءِ اربعين (يعني چار يارن) رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم پنهنجي پيءُ ماءُ کي ايصال ڪيو. باقي هڪ حج رهيل هو (جنهن جو اجا تائين ايصال نہ ڪيو هو) مون عرفات جي ميدان ۾ موجود ماڻهن کي ڏٺو ۽ انهن جا آواز ٻڌا تہ بارگاھ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ياالله ڪريم!

جيڪڏهن انهن ۾ ڪو اهڙو شخص آهي جنهن جو حج قبول نہ ٿيو هجي تہ مان پنهنجي حج جو ثواب ان کي ايصال ڪريان ٿو. پوءِ ان رات جڏهن مان مُزدَلِفہ ۾ ستس تہ خواب ۾ مون الله ڪريم جو ديدار ڪيو ۽ الله پاڪ مون کي ارشاد فرمايو: اي علي بن مُوَفِّق! ڇا تون مون تي سخاوت ٿو ڪرين؟ مان تہ عرفات ۾ موجود سيئي ماڻهو، انهن جي تعداد جي برابر ۽ وڌيڪ انهن کان بيٺن ماڻهن جي مغفرت فرمائي آهي ۽ انهن مان هر ماڻهوءَ جي انهن جي گهر وارن ۽ پاڙيسرين جي حق ۾ بہ شفاعت قبول فرمائي آهي. (روض الرياحين ص 128)

ڪوئی حج کا سبب اب بنا دے　　مجھ کو کعبے کا جلوہ دکھا دے
دیدِ عَرَفات و دیدِ مِنیٰ کی　　میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج جي سفر ۾ بهترين هم سفر

هڪ شخص حضرت سيّدنا حاتِم اَصَمّ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ کي عرض ڪيو تہ ”مون کي حج جو سفر ڪرڻو آهي. ڪو اهڙو هم سفر ٻڌايو جنهن جي سني صحبت جو فيض حاصل ڪندي الله جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سگهان.“ فرمايائون: اي ڀاءُ! جيڪڏهن توهان هم نشين چاهيو ٿا تہ قرآن پاڪ جي تلاوت جي هم نشيني (يعني صحبت) اختيار ڪريو ۽ جيڪڏهن ساٿي چاهيو ٿا تہ فرشتن کي پنهنجو ساٿي بڻايو ۽ جيڪڏهن دوست درڪار هجي تہ الله پاڪ پنهنجي دوستن جي دلين جو مالڪ آهي ۽ جيڪڏهن توشو (سفر جو خرچ وغيره) چاهيو ٿا تہ

الله پاڪ تي يقين سيني کان بهترين توشو آهي ۽ ڪعبة الله کي پنهنجي سامهون تصور ڪري خوشيءَ سان ان جو طواف ڪريو.

(بحرالدموع ص 125) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مُعجِزہ شَقُّ الْقَمَر کا ہے "مدینہ" سے عیاں
"مہ" نے شَق ہو کر لیا ہے "دین" کو آغوش میں

**شعر جو مطلب:** شاعر پنهنجا "خيالات" پيش ڪندي هن شعر ۾ نهايت عمده ڳالهه ڪئي آهي ته معجزي طور چنڊ جا ٻه ٽڪرا جيڪي ٿيا آهن ان جو لفظ "مدينہ" مان ائين اظهار ٿي رهيو آهي ته مديني جو پهريون اکر "م" ۽ آخري اکر "ه" مليو ته مه يعني چنڊ ٿيو ۽ مه جي ٻنهي اکرن "م" ۽ "ه" جي وچ ۾ لفظ "دين" موجود آهي جنهن مان لفظ "مدينہ" ٿي ويو ۽ ائين چڻ ته "مديني" "دين" کي پنهنجي دامن ۾ ورتو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عجيب انداز ۾ نفس جي پڪڙ

حضرت ابو محمد مُرتَعِش رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "مون تمام گهڻا حج ڪيا ۽ انهن مان گهڻا حجّ سفر جي خرچ کان سواءِ ڪيا. پوءِ مون تي ظاهر ٿيو ته اهو صرف منهنجي نفس جو ڏوڪو هو، ڇو ته هڪ دفعي منهنجي امڙ مون کي پاڻي جو دلو ڀري ڪٽي اچڻ جو حڪم ڏنو ته منهنجي نفس تي ان جو حڪم سخت لڳو، ان ڪري مان

سمجهي ويس تہ حج جي سفر ۾ منهنجي نفس منهنجي مدد رڳو پنهنجي لذت جي لاءِ ڪئي آهي ۽ مون کي ڌوکي ۾ رکيو آهي ڇو تہ جيڪڏهن منهنجو نفس فنا ٿي چڪو هجي ها تہ اڄ هڪ شرعي حق پورو ڪرڻ (يعني ماءُ جي اطاعت ڪرڻ) نفس تي بي حد ڏکيو نہ لڳي ها. (الرسالة القشريه ص 135)

## حبِ جاه جي لذت عبادت جي تڪليف کي آسان ڪري ڇڏيندي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگ ڪهڙي مدني سوچ رکندا هئا ۽ ڪيتري تہ عاجزيءَ جا پيڪر هئا. ڪيترن ئي جي عادت هوندي آهي تہ اهي عام ماڻهن سان تہ جهڪي جهڪي ملندا آهن ۽ انهن جي لاءِ باادب ٿي ويندا آهن، پر ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀينرن ۽ ٻار ٻچن سان انهن جو سلوڪ ڪاوڙ وارو، غير اخلاقي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ سخت دل آزاريندڙ هوندو آهي. ڇو؟ ان ڪري جو عوام ۾ سهڻي اخلاق جو مظاهرو عام مقبوليت جو سبب بڻبو آهي، جڏهن تہ گهر ۾ سهڻو سلوڪ ڪرڻ سان عزت ۽ شهرت ملڻ جي خاص اميد ناهي هوندي، ان ڪري اهي ماڻهو عوام ۾ تمام گهڻو منٺا منٺا هوندا آهن! اهڙي طرح جيڪي اسلامي ڀائر ڪن مستحب ڪمن جي لاءِ وڏي ڪري قربانيون پيش ڪندا آهن، پر فرض ۽ واجبن جي ادائيگيءَ ۾ ڪوتاهيون ڪندا آهن، مثال طور: ماءُ، پيءُ جي اطاعت، ٻار ٻچن جي شريعت مطابق تربيت ۽ خود پنهنجي لاءِ فرض علم حاصل ڪرڻ ۾ غفلت کان ڪم وٺندا آهن، انهن جي لاءِ بہ هن حڪايت ۾ عبرت جا نهايت اهم مدني گل آهن. حقيقت اها

آهي تہ جن نيڪ ڪمن ۾ ”شهرت ملندي ۽ واهہ واهہ! ٿيندي آهي،“ اهي ڏکيا هئڻ باوجود آسانيءَ سان ٿي ويندا آهن، چو تہ حبِّ جاهہ (يعني شهرت ۽ عزت جي چاهت) جي ڪري ملڻ واري لذت وڏي کان وڏي تڪليف ختم ڪري ڇڏيندي آهي. ياد رکو! ”حبِّ جاهہ“ ۾ تباهي ئي تباهي آهي. عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ بہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: (1) الله پاڪ جي عبادت ڪي ٻانهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف جي محبت سان ملائڻ کان بچندا رهو. ائين نہ ٿئي جو توهان جا عمل برباد ٿي وڃن. (فردوس الاخبار ج 1 ص 223 حديث 1567) (2) بہ بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي ناهن مچائيندا جيتري تباهي مال ۽ عزت جي چاهت (يعني مال ۽ دولت، عزت ۽ شهرت جي چاهت) مسلمان جي دين ۾ مچائي ٿي.

(ترمذي ج 4 ص 166 حديث 2383)

## حُب جاهہ جي باري ۾ اهم ترين مدني گل

”حُبِّ جاهہ“ جي باري ۾ اِحياءُ العُلُوم جلد 3 صفحي 616 کان 617 ڪي سامهون رکي ڪجهہ مدني گل خدمت ۾ پيش آهن. (حبِّ جاهہ ۽ ڏيکاءُ) نفس کي تباهہ ڪرڻ وارن اهم ڪمن ۽ باطني مڪر و فريب مان آهن. انهن ۾ عالم، عبادت ڪندڙ ۽ آخرت جي منزل طئي ڪرڻ وارا ماڻهو مبتلا ڪيا ويندا آهن، اهڙي طرح اهي ماڻهو اڪثر ڪري تمام گهڻيون ڪوششون ڪري عبادتون ڪرڻ، نفساني خواهشن کي مارڻ ۽ ايتري تائين جو شڪ وارين ڳالهين کان بہ پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. پنهنجي عضون کي ظاهري گناهن کان بچائي وٺندا آهن، پر عوام جي سامهون پنهنجي نيڪ

ڪمن، ديني ڪارنامن ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪيون ويندڙ ڪوششون، جيئن تہ ”مون هي ڪيو، هو ڪيو، هتي بيان هو، هُتي بيان آهي. بيان (ڪرڻ يا نعت پڙهڻ جي لاءِ) ايتريون ايتريون تاريخون بُڪ آهن. مدني مشوري ۾ رات ايترو وقت ٿي ويو هو ۽ آرام پورو نہ ٿيڻ جي ڪري ٿڪاوٽ آهي، انهيءَ ڪري آواز وينل آهي. ”مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻو آهي، هيترن هيترن مدني قافلن ۾ يا مدني ڪمن جي لاءِ فلاڻي فلاڻي شهرن ۽ ملڪن جو سفر ڪري چڪو آهيان وغيره وغيره جي اظهار جي ذريعي پنهنجي نفس جي راحت جا طلبگار هوندا آهن، پنهنجو علم ۽ عمل ظاهر ڪري مخلوق وٽ مقبوليت ۽ انهن جي طرفان ٿيڻ واري پنهنجي تعظيم ۽ توقير واه واه ۽ عزت جي لذت حاصل ڪندا آهن. جڏهن مقبوليت ۽ شهرت ملڻ لڳندي آهي تہ ان جو نفس چاهيندو آهي تہ منهنجو علم ۽ عمل ماڻهن تي اجا وڌيڪ ظاهر ٿيڻ لڳي تہ جيئن اجا بہ عزت وڌي، ان ڪري اهي پنهنجي نيڪين، علمي صلاحيتن جي تعلق سان مخلوق جي اطلاع جا وڌيڪ رستا ڳوليندا آهن ۽ خالقِ ڪائنات جي ڄاڻڻ تي تہ منهنجو ربّ منهنجي عملن کان با خبر آهي ۽ مون کي اجر ڏيڻ وارو آهي قناعت ناهي ڪندو بلڪ ان ڳالهہ تي خوش ٿيندا آهن تہ ماڻهو انهن جي واه واه ۽ تعريف ڪن ۽ خالق ڪائنات جي طرفان ملڻ واري تعريف تي قناعت ناهن ڪندا. نفس اها ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهندو آهي تہ ماڻهن کي جڏهن ان ڳالهہ جو علم ٿيندو تہ فلاڻو ٻانهو نفساني خواهشن جو تارڪ

آهي، شڪ شبهن کان بچندو آهي، راهِ خدا ۾ ڪيترائي پئسا خرچ ڪندو آهي، عبادتن ۾ سخت مشقتون برداشت ڪندو آهي، خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ ۾ تمام گهڻي آهہ و زاري ڪندو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو آهي، مدني ڪمن جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندو آهي. ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ ڏاڍي دل جلائيندو آهي، گهڻن مدني قافلن ۾ سفر ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي. زبان اک ۽ پيٽ جو قفل مدينہ لڳائيندو آهي، روزانو فيضانِ سنت جا ايترا ايترا درس ڏيندو آهي، مدرسة المدينہ (بالغان) صداءِ مدينہ، مدني دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت جو وڏو ئي پابند آهي تہ انهن ماڻهن جي زبانن تي ان ٻانهي جي گهڻي تعريف جاري ٿي ويندي آهي اهي ان کي عزت ۽ احترام جي نگاهن سان ڏسندا آهن. ان جي ملاقات ۽ زيارت کي پنهنجي لاءِ سعادت جو سبب ۽ آخرت جو سرمايو سمجهندا آهن. برڪت جي لاءِ گهر يا مڪان تي ”ٻہ قدم رکڻ“ هلي ڪري دعا ڪرڻ، چانهہ پيئڻ، طعام جي دعوت قبول ڪرڻ جي لاءِ نهايت احترام سان درخواست ڪندا آهن. ان جي راءِ تي هلڻ ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي تصور ڪندا آهن. ان کي جتي ڏسندا آهن تہ خدمت ڪندا آهن ۽ سلام پيش ڪندا آهن، ان جي اوبر کائڻ پيئڻ جو حرص رکندا آهن ۽ ان جو تحفو يا ان جي هٿ لڳل ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي تي اڳڀرائي ڪندا آهن، ان جي ڏنل شيءِ کي چمندا آهن، ان جي هٿن پيرن کي چمندا، احترام طور ”حضرت! حضور! يا سيدي!“ وغيره وغيره لقبن سان عاجزي واري انداز ۽ آهستي آواز ۾ ڳالهائيندا

آهن. هٿ ٻڌي، مٿو جهڪائي دعائن جون التجائون ڪندا آهن. مجلسن ۾ ان جي اچڻ تي تعظيم لاءِ اٿي بيهندا آهن. ان ڪي ادب جي جڳهه تي ويهاري، ان جي سامهون هٿ ٻڌي بيٺا هوندا آهن، ان کان اڳ ۾ ماني شروع ناهن ڪندا، عاجزانه طور تحفا ۽ نذرانا پيش ڪندا آهن. عاجزي ڪندي ان جي سامهون پنهنجو پاڻ کي ننڍو (مثال طور خادم، غلام وغيره) ظاهر ڪندا آهن. خريد و فروخت ۽ ٻين معاملن ۾ ان سان رعايت ڪندا آهن. ان کي عمده ڪوالٽي جون شيون ۽ اهي به سستيون يا مفت ڏيندا آهن. ان جي ڪمن ۾ ان جي عزت ڪندي جهڪي ويندا آهن. ماڻهن جي اهڙي قسم جي عقيدت وارن طريقن سان نفس کي وڏيڪ لذت حاصل ٿيندي آهي ۽ هيءَ اها لذت آهي جيڪا سيني خواهشن تي غالب هوندي آهي. اهڙي قسم جي عقيدتن پرين لذتن جي ڪري گناهن کي ڇڏڻ ان کي معمولي ڳالهه لڳندي آهي چو ته ”حبِّ جاهه“ جي مريض کي نفس گناهه ڪرائڻ بجاءِ ان جي ابتڙ سمجهائيندو آهي: ڏس گناهه ڪندين ته عقيدتمند منهن ڦيرائي ويندا! ان ڪري نفس جي تعاون سان پيروڪارن ۾ پنهنجو وقار برقرار رکڻ جي جذبي تحت عبادت تي استقامت جي شدت ۾ ان کي نرمي ۽ آساني محسوس ٿيندي آهي چو ته هو باطني طور تي لذتن جي لذت ۽ سيني شهوتن (يعني خواهشن) کان وڏي شهوت (يعني عوام جي عقيدت مان حاصل ٿيندڙ لذت) جو ادراڪ (سڃاڻپ) حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ اهو ان خوش فهميءَ ۾ پئجي ويندو آهي ته منهنجي زندگي الله پاڪ جي لاءِ ۽ ان جي مرضي

مطابق گذري رهي آهي، جيتوڻيڪ ان جي زندگي ان پوشيده (حُب جاهه يعني پنهنجي واهه واهه ڪرڻ واري لڪيل) خواهش تحت گذرندي آهي. جنهن جي ادراڪ (يعني سمجهڻ) ڪان ڪامل عقل عاجز ۽ بيوس آهن، اهو خدا پاڪ جي عبادت ۾ پنهنجو پاڻ کي مخلص ۽ پاڻ کي الله پاڪ جي مَحارم (حرام ڪيل معاملن) کان پاسو ڪرڻ وارو سمجهندو آهي جيتوڻيڪ ائين ناهي، پر هو تہ ٻانهن جي سامهون زيب و زينت ۽ تَصَنُّع (يعني بناوٽ) جي ذريعي ڪافي لذتون حاصل ڪري رهيو آهي. ان کي جيڪا عزت ۽ شهرت ملي رهي آهي، ان تي تمام گهڻو خوش آهي. اهڙي طرح عبادتن ۽ نيڪ ڪمن جو ثواب ضايع ٿي ويندو آهي ۽ ان جو نالو منافقن جي فهرست ۾ لکيو ويندو آهي ۽ اهو نادان هي سمجهندو آهي تہ ان کي الله پاڪ جو قرب حاصل آهي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزّوجلّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net